SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر XIV مجريه 1973

# SINDH ACT NO.XIV OF 1973

# سنڌ سرڪاري ملازم ايڪٽ، 1973

# THE SINDH CIVIL SERVANTS ACT, 1973

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان، نفاذ ۽ شروعات
Short title, application and commencement

باب_I
شروعاتي
Chapter_I
Preliminary

2. وصفون
Definitions

باب_II
سرڪاري ملازمن جي ملازمت جا شرط ۽ ضابطا
Chapter_II
Terms and Conditions of service of Civil Servants

3. شرط ۽ ضابطا
Terms and Conditions

4. سرڪاري ملازمن جي عهدي جو مدو

Tenure of office of Civil Servants

5. مقرري

Appointment

6. ڪچي نوڪريءَ جو مدو

Probation

7. مستقلي

Confirmation

8. سينيارٽي

Seniority

9. ترقي

Promotion

10. مقرري ۽ بدلي

Posting and transfers

11. ملازمت تان هٽائڻ

Termination of service

12. هيٺين گريڊ يا ملازمت ۾ موٽائڻ

Reversion to a lower grade or service

13. ملازمت تان رٽائرمينٽ

Retirement from service

14. رٽائرمينٽ کانپوءِ ملازمت

Employment after retirement

15. چال چلت

Conduct

16. صلاحيت ۽ نظم و ضبط

Efficiency and discipline

17. پگهار

Pay

18. موڪل

Leave

19. پينشن ۽ گريچوئٽي

Pension and gratuity

20. پرووِيڊنٽ فنڊ

Provident Fund

21. بينيوولينٽ فنڊ ۽ گروپ انشورنس

Benevolent fund and Group insurance

22. اپيل يا ريپريزنٽيشن جو حق

Right of appeal or representation

باب_III

متفرقات

Chapter_III

Miscellaneous

23. محفوظ ڪرڻ

Saving

24. رنڊڪون هٽائڻ

Removal of difficulties

باب _IV

قاعدا

Chapter_IV

Rules

25. قاعدا

Rules

باب _V

## منسوخي

## Chapter_V

## Repeal

26. 1973 جي سنڌ آرڊيننس X جي منسوخي

Repeal of Sindh Ordinance X of 1973

# سنڌ ايڪٽ نمبر XIV مجريه 1973

# SINDH ACT NO.XIV OF 1973

# سنڌ سرڪاري ملازم ايڪٽ، 1973

# THE SINDH CIVIL SERVANTS ACT, 1973

[5 ڊسمبر 1973]

ايڪٽ جنهن ذريعي صوبي سنڌ جي معاملن سان لاڳاپيل پاڪستان جي ملازمت ۾ ماڻهن جي مقرري ملازمت جا شرط ۽ ضابطا طئي ڪيا ويندا.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ قانون تحت ماڻهن جي مقرري ضابطي هيٺ آڻڻ ۽ صوبي سنڌ جي معاملن سان لاڳاپيل پاڪستان جي ملازمت ۾ ماڻهن جي ملازمت جا شرطون ۽ ضابطا طئي ڪرڻ ۽ ان سان لاڳاپيل معاملن جو انتظام ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

ان ڪي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان، نفاذ ۽ شروعات
Short title, application and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ سرڪاري ملازم ايڪٽ، 1973 سڏيو ويندو.

(2) اهو سمورن سرڪاري ملازمن تي لاڳو ٿيندو پوءِ اهي جتي بہ هجن.

(3) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

باب_I
شروعاتي
Chapter_I
Preliminary

# باب _I
# شروعاتي
# Chapter_I
# Preliminary

وصفون
Definitions

2. هن ايڪٽ ۾ جيستائين ڪجهه مضمون يا مفهوم جي متضاد نہ هجي:

(a) ”ايڊهاڪ مقرري“ مطلب مڪمل طور قابليت رکندڙ ماڻهو جي ڀرتي جيڪا ٻئي طريقي سان ڪئي وڃي ۽ بيان ڪيل طريقي موجب اها رهيل ڀرتي هجي؛

(b) ”سرڪاري ملازم“ مطلب اهو شخص جيڪو صوبي جي سرڪاري ملازمت جو ميمبر هجي يا صوبي جي معاملن سان لاڳاپيل ڪو عهدو رکندو هجي، پر جنهن ۾ شامل نہ آهي:

(i) اهو شخص جيڪو صوبي ۾ وفاق طرفان يا ڪنهن ٻئي صوبي يا صوبائي اختياريءَ طرفان ڊيپوٽيشن تي هجي؛

(ii) اهو شخص جنهن کي ڪانٽريڪٽ تي رکيو ويو آهي يا ورڪ چارجڊ بنيادن تي رکيو ويو آهي يا جنهن کي ڪانٽينجنسيز مان ادائگي ڪئي ويندي آهي؛ يا

(iii) اهو شخص جيڪو “پورهيت” يا “مزدور” آهي، جيئن فيڪٽريز ايڪٽ، 1934 (1934 جو XXV) يا ورڪس مينس ڪامپينسيشن ايڪٽ، 1923 (1923 جو VIII) ۾ بيان ڪيل آهي؛

(c) ”حڪومت“ مطلب سنڌ حڪومت؛

(d) ”شروعاتي مقرري“ مطلب مقرري جيڪا ترقي يا

بدلي ڪانسواءِ ڪئي وڃي؛

(e)"پگھار" مطلب سرڪاري ملازم طرفان ماھوار حاصل ٿيندڙ پگھار، ۽ جنھن ۾ شامل آھي ٽيڪنيل پگھار، اسپيشل پگھار، ذاتي پگھار ۽ ٻيو ڪو معاوضو جيڪو اٿارٽي طرفان ادائگي لاءِ اعلان ڪيو ويو ھجي؛

(f)"مستقل عھدو" مطلب جيئن قاعدن ۾ بيان ڪيو ويو ھجي؛

(g)"بيان ڪيل" مطلب قاعدن موجب بيان ڪيل؛

(h) "قاعدا" مطلب ھن ايڪٽ تحت جوڙيل قاعدا يا جيڪي قاعدا جوڙيا ويڻا آھن؛

(i) "منتخب ڪندڙ اختياري" مطلب سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن، ھڪ کاتي جو سليڪشن بورڊ، کاتي جي سليڪشن ڪميٽي يا ٻي ڪا اختياري يا باڊي جنھن جي سفارش تي يا جنھن جي مشوري سان ڪا مقرري يا ترقي ٿئي، جيئن بيان ڪيو ويو ھجي؛

(j) "عارضي عھدو" مطلب مستقل عھدي ڪانسواءِ ھڪ عھدو.

(2) ھن ايڪٽ جي مقصد لاءِ، ڪا مقرري پوءِ اھا ترقي ذريعي يا ٻئي طريقي سان ڪئي وڃي، جيڪڏھن بيان ڪيل طريقي موجب ڪئي وئي آھي تہ اھا مستقل بنيادن تي ڪيل سمجھي ويندي.

باب_II
سرڪاري ملازن جي ملازمت جا شرط ۽ ضابطا
Chapter_II

## باب_II

## سرڪاري ملازن جي ملازمت جا شرط ۽ ضابطا

## Chapter_II

## Terms and Conditions of service of Civil

| | |
|---|---|
| Terms and Conditions of service of Civil Servants<br>شرط ۽ ضابطا<br>Terms and Conditions | **Servants** |
| سرڪاري ملازمن جي عهدي جو مدو<br>Tenure of office of Civil Servants | 3. سرڪاري ملازم جي ملازمت جا شرط ۽ ضابطا اهڙيءَ ريت هوندا جيئن هن ايڪٽ يا قاعدن ۾ فراهم ڪيا ويا آهن. |
| مقرري<br>Appointment | 4. هر سرڪاري ملازم حڪومت جي مرضي سان عهدو رکي سگهندو. |
| ڪچي نوڪريءَ جو مدو<br>Probation | 5. صوبي جي سرڪاري ملازمت ۾ يا صوبي جي معاملن سان لاڳاپيل سرڪاري عهدي تي مقرري حڪومت طرفان يا ان سلسلي ۾ بااختيار بڻايل شخص طرفان بيان ڪيل طريقي موجب ڪئي ويندي.<br>6. (1) دفعه 5 ۾ ڄاڻايل ملازمت يا عهدي تي ڪيل شروعاتي مقرري جيڪا ايڊهاڪ بنيادن تي نه ڪئي وڃي، اها آزمائشي مدي لاءِ هوندي جيئن بيان ڪيو ويو هجي.<br>(2) سرڪاري ملازم جي ترقي يا بدلي ذريعي ڪنهن |

ملازمت يا عهدي تي ڪيل ڪا مقرري بہ آزمائشي مدي تائين ڪئي ويندي، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(3) جتي ڪنهن ملازمت يا عهدي جي سلسلي ۾، آزمائشي مدي لاءِ مطمئن ڪندڙ اختتام ۾ شامل آهي امتحان، ٽيسٽ يا ڪورس يا ڪهن تربيت جو ڪاميابيءَ سان مڪمل ڪرڻ، اهڙي ملازمت يا عهدي تي آزمائشي مدي لاءِ مقرر ڪيل ماڻهو، اصل يا آزمائشي مدي جو وڌايل عرصو مڪمل ڪرڻ تي، اهڙو امتحان يا ٽيسٽ پاس ڪرڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو يا ڪورس يا تربيت ڪاميابيءَ سان مڪمل ڪرڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو تہ، سواءِ ان جي جيئن ٻي صورت ۾ بيان ڪيو ويو هجي تہ:

(a) جيڪڏهن اهو اهڙي ملازمت يا عهدي تي شروعاتي طور مقرر ڪيو ويو هو تہ ان کي برطرف ڪيو ويندو؛ يا

(b) جيڪڏهن اهو اهڙي ملازمت يا عهدي تي ترقي يا بدلي ذريعي مقرر ڪيو ويو هو تہ ان کي ساڳي ملازمت يا عهدي تي واپس ڪيو ويندو، جنهن تان کيس ترقي ڏني يا بدلي ڪيو ويو هو، جنهن جي خلاف هو حق رکي ٿو يا جيڪڏهن اهڙي ملازمت يا عهدو نہ هوندو، تہ ان کي برطرف ڪيو ويندو.

بشرطيڪ، ملازمت يا عهدي تي شروعاتي مقرري جي صورت ۾، هڪ سرڪاري ملازم طرفان تيستائين آزمائشي مدو مطمئن ڪندڙ طريقي مڪمل ڪيل نہ سمجهيو ويندو جيستائين ان جي ڪردار ۽ چال چلت جي باري ۾ مقرر ڪندڙ اختياري طرفان مطمئن ڪندڙ راءِ جي تصديق نہ ڪئي وڃي.

| | |
|---|---|
| 7. (1) آزمائشي مدي لاءِ مقرر ڪيل هڪ شخص کي ان جو آزمائشي مدو مطمئن ڪندڙ طريقي مڪمل ڪرڻ تي اهو ملازمت جي مستقلي لاءِ اهل هوندو يا جيئن معاملو هجي، عهدي تي جيئن بيان ڪيو ويو هجي. | مستقلي Confirmation |
| (2) ڪنهن عهدي يا گريڊ تي مستقل بنيادن تي ترقي ڏنل سرڪاري ملازم مستقلي لاءِ بيان ڪيل عرصي لاءِ مطمئن ڪندڙ ملازمت پيش ڪرڻ ڪانپوءِ مستقلي لاءِ اهل هوندو. | |
| (3) ڪنهن عارضي عدي تي مستقلي نہ ڪئي ويندي. | |
| (4) ڪو سرڪاري ملازم ان جي ملازمت جي عرصي دوران ڪنهن ملازمت يا ڪنهن عهدي تي مستقل ٿيڻ جو اهل هيو ۽ اهو اهڙي مستقلي کان اڳ ملازمت تان رٽائر ڪري ٿو تہ اهڙي رٽائرمينٽ کي اهڙي ملازمت يا عهدي تان رٽائرمينٽ لاءِ ملندڙ فائدن کان انڪار ڪيو ويندو. | |
| (5) سرڪاري ملازم جي ملازمت يا عهدي تي مستقلي اهڙي تاريخ کان ٿيندي جڏهن ملازمت يا عهدي تي مستقل آسامي پيدا ٿئي يا اهڙي تاريخ کان جڏهن اهڙي ملازمت يا عهدي تي لڳاتار ملازمت ڪئي وڃي، جيڪو عمل اڳ ۾ ٿئي. | |
| 8. (1) ملازمت، ڪيڊر يا گريڊ جي جوڳي انتظام لاءِ مقرر ڪندڙ اختياري اهڙي ملازمت، ڪيڊر يا گريڊ لاءِ وقتي طور ميمبرن جي هڪ سينارٽي لسٽ تيار ڪندي، پر اهڙي ملازمت، ڪيڊر يا گريڊ تي مخصوص سينارٽي جي بنياد تي حق حاصل نہ هوندو جيئن معاملو هجي. | سينيارٽي Seniority |
| (2) ذيلي دفعہ (1) جي گنجائشن موجب، سرڪاري ملازم جي سينيارٽي ساڳي ملازمت يا گريڊ سان تعلق رکندڙ ٻين سرڪاري ملازمن جي تسليم ڪئي ويندي، پوءِ اهي ساڳئي | |

کاتي يا آفيس ۾ ملازمت ڪندا هجن يا نہ، جيئن بيان ڪيو
ويو هجي.
(3) ڪنهن ملازمت، گريڊ يا عهدي تي شروعاتي مقرري
جي سينيارٽي اهڙيءَ ريت طئي ڪئي ويندي، جيئن بيان
ڪيو ويو هجي.
(4) اهڙي گريڊ ۾ سينارٽي جنهن تي سرڪاري ملازم کي
ترقي ڏني وئي آهي، اهڙيءَ تاريخ کان شروع ٿيندي، جنهن
تاريخ کان ان گريڊ ۾ عهدي تي مقرري ٿي هجي:
بشرطيڪ سرڪاري ملازم جيڪي هڪ وقت اعليٰ گريڊ ۾
ترقيءَ لاءِ چونڊيا ويا آهن، انهن جي اعليٰ گريڊ ۾ ترقيءَ تي،
اهي پنهنجي هيٺين گريڊ واري سينارٽي برقرار رکندا.

ترقي
Promotion

9. (1) اهڙي گهٽ ۾ گهٽ اهليت رکندڙ سرڪاري ملازم
جيئن بيان ڪيو ويو هجي ان عهدي تي ترقيءَ لاءِ اهل هوندو،
جيڪو وقتي طور قاعدن موجب ڊپارٽمينٽل ترقيءَ طور
ملازمت يا ڪيڊر جي اعليٰ گريڊ ۾ ترقيءَ سان واسطو رکندو
هجي.
(2) ذيلي دفعہ (1) ۾ ڄاڻايل عهدو پوءِ اهو منتخبي عهدو
هجي يا غير منتخبي عهدو هجي، ان تي ترقي اهڙيءَ ريت
ڪئي ويندي، جيئن بيان ڪيو ويو هجي:
(a) منتخبي عهدي جي صورت ۾، انتخاب ميرٽ بنيادن تي
ڪيو ويندو؛ ۽
(b) نہ چونڊ ٿيل عهدي جي صورت ۾، سينيارٽي ڪم
فٽنيس بنيادن تي.

مقرري ۽ بدلي
Posting and

10. هر سرڪاري ملازم ڪنهن بہ جڳهہ تي صوبي ۾ يا صوبي
کان ٻاهر حڪومت، وفاقي حڪومت، يا ڪنهن صوبائي

| | |
|---|---|
| حڪومت يا لوڪل اٿارٽي يا ڪارپوريشن يا حڪومت طرفان جوڙيل باڊي سيٽ اپ هيٺ خدمت سرانجام ڏيڻ جو پابند هوندو.<br>بشرطيڪ هن دفعه ۾ شامل ڪجهه به ڪنهن خاص ايراضي يا علائقي لاءِ خدمت لاءِ خاص طور ڀرتي ڪيل سرڪاري ملازم تي لاڳو نه ٿيندو.<br>بشرطيڪ وڌيڪ ته جتي ڪنهن سرڪاري ملازم کان ان جي سروس يا ڪيڊر کان ٻاهر عهدي تي خدمت طلب ڪئي وڃي ٿو ته ان جي خدمت جا شرط ۽ ضابطا اڳواٽ ملندڙ ادائگي کان گهٽ فائديمند نه هوندا، جيڪي هن کي اهڙيءَ ريت طلب ڪرڻ کان اڳ ملي رهيا هئا. | transfers |
| 11. (1) سرڪاري ملازم جي ملازمت بنا نوٽيس جي ختم ڪئي ويندي:<br>(i)ان جي آزمائشي مدي جي شروعاتي يا وڌايل عرصي دوران:<br>بشرطيڪ جتي اهڙو سرڪاري ملازم آزمائشي مدي تي ترقي ذريعي مقرر ڪيو ويو آهي، يا جيئن معاملو هجي، هڪ گريڊ، ڪيڊر يا عهدي کان ٻئي گريڊ، ڪيڊر يا عهدي ۾ بدلي ڪيو ويو آهي، ته ان جي ملازمت ڪي ان جي اڳوڻي اهڙي گريڊ يا ڪيڊر تي تحفظ حاصل هوندو پر ان کي ان جي اڳوڻي گريڊ، ڪيڊر يا عهدي تي واپس ڪيو ويندو، جيئن معاملو هجي.<br>(ii)ان جي شروعاتي يا وڌايل عرصي جي ختم ٿيڻ تي؛ يا<br>(iii)جيڪڏهن مقرري ايڊهاڪ آهي ته سليڪشن اٿارٽي جي سفارش تي ڪنهن شخص جي مقرري سان اهڙي | ملازمت تان هٽائڻ<br>Termination of service |

شخص جي مقرري ختم ڪرڻ لائق هوندي.

(2) جتي ڪنهن ڪيڊر يا گريڊ جي عهدن جي انگ کي ختم ڪرڻ يا گهٽتائي ڪرڻ تي اهڙن سرڪاري ملازمن جي ملازمت اهڙيءَ ريت ختم ڪئي ويندي، جيڪي اهڙي ڪيڊر يا گريڊ ۾ سڀ کان جونيئر هوندا.

(3)جتي ڪجهه ذيلي دفعه (1) جي گنجائشن جي متضاد نه هجي پر ذيلي دفعه (2) جي گنجائشن جي متضاد هجي ته عارضي طور مقرر ڪيل يا ايڊهاڪ طور مقرر ڪيل سرڪاري ملازم جي ملازمت ڇوڙنهن ڏينهن جي نوٽيس سان يا اوتري عرصي لاءِ ادائگي سان ملازمت ختم ڪرڻ لائق هوندي.

**هيٺين گريڊ يا ملازمت ۾ موٽائڻ**
Reversion to a lower grade or service

12.اعليٰ عهدي يا گريڊ ايڊهاڪ يا عارضي يا آفيشيٽنگ بنيادن تي مقرر ڪيل سرڪاري ملازم هيٺين عهدي يا گريڊ ۾ بنا نوٽيس جي واپسي لائق هوندو.

**ملازمت تان رٽائرمينٽ**
Retirement from service

13. هڪ سرڪاري ملازم ملازمت تان رٽائر ڪندو:

(i)اهڙي تاريخ تي جڏهن هن ملازمت جا پڇويهه سال پورا ڪيا هجن پينشن لاءِ اهل هوندو يا ٻين رٽائرمينٽ جي فائدن جي اهل هوندو جيئن مجاز اختياري عوامي مفاد وٽان هدايت ڪري، يا

(ii)جتي شق (i) تحت ڪا هدايت جاري ناهي ڪئي وئي ته ان جي عمر جا انونجاهه سال مڪمل ڪرڻ تي.

وضاحت: هن دفعہ ۾ "مجاز اختياري" مطلب مقرري ڪندڙ اختياري يا مقرري ڪندڙ اختياري طرفان ان سلسلي ۾ بااختيار بڻايل ڪو شخص، پر اهو شخص لاڳاپيل سرڪاري ملازم ڪان عهدي ۾ گهٽ نہ هجڻ گهرجي.

رٽائرمينٽ ڪانپوءِ ملازمت
Employment after retirement

14. (1) هڪ رٽائرڊ ملازم عام طور تي ٻيهر سرڪاري ملازمت تي نہ رکيو ويندو، جيستائين اهڙي ٻيهر ملازمت عوامي مفاد وٽان نہ هجي ۽ مقرري ڪندڙ اختياري ڪان مٿي اختياري جي اڳواٽ منظوري سان نہ ڪئي وڃي:

بشرطيڪ جتي مقرري ڪندڙ اختياري حڪومت آهي، اهڙي ٻيهر مقرري حڪومت جي منظوريءَ سان ڪئي ويندي.

(2) ايڪس گورنمينٽ سرونٽس (ايمپلائيمينٽ وٿ فارين گورنمينٽس) (پروهيبيشن) ايڪٽ، 1966 (1966 جو XII) جي دفعہ 3 جي ذيلي دفعہ (1) جي گنجائشن موجب هڪ سرڪاري ملازم رٽائرمينٽ ڪان اڳ موڪل دوران يا سرڪاري ملازمت تان رٽائرمينٽ ڪانپوءِ ڪا نجي ملازمت حاصل ڪري سگهي ٿو:

بشرطيڪ جتي ملازمت رٽائرمينٽ ڪان اڳ موڪل دوران يا رٽائرمينٽ واري تاريخ ڪان ٻہ سال اڳ حاصل ڪئي وڃي ٿي تہ اهو بيان ڪيل اختياري ڪان اڳواٽ اجازت وٺندو.

15. بداخلاقي جي الزام هيٺ آيل ڪو بہ شخص تيستائين سرڪاري ملازمت يا عهدي تي مقرر نہ ڪيو ويندو، جيستائين حڪومت هدايت نہ ڪري.

چال چلت
Conduct

16. سرڪاري ملازم جو انتظام جوڙيل قاعدن، يا حڪومت طرفان جاري ڪيل هدايتن يا بيان ڪيل اختياري طرفان ان سلسلي ۾ عام طور تي يا مخصوص گروپ يا سرڪاري

ملازمن جي درجي لاءِ جاري ڪيل هدايتن موجب هلايو ويندو.

**صلاحيت ۽ نظم و ضبط**
**Efficiency and discipline**

17. سرڪاري ملازم بيان ڪيل طريقيڪار موجب انتظامي ڪارروائي ۽ ڏنڊ جو مستحق هوندو.

**پگهار**
**Pay**

18. هڪ عدي يا گريڊ تي مقرر ڪيل سرڪاري ملازم قاعدن موجب اهڙي عهدي يا گريڊ تي جاري ڪيل پگهار سان نوازيو ويندو:

بشرطيڪ جتي مقرري ڪرنٽ چارج بنيادن تي يا ايڊيشنل چارج بنيادن تي ڪئي وئي آهي تہ ان جي پگهار بيان ڪيل طريقي موجب طئي ڪئي ويندي:

بشرطيڪوڌيڪ تہ جتي هڪ سرڪاري ملازم حڪم تحت جيڪو بعد ۾ جوڙيو ويو آهي، ملازمت تان هٽايو يا برطرف ڪيو وڃي ٿو يا عهدي ۾ گهٽايو وڃي ٿو اهڙو حڪم جاري ٿيڻ تي ان کي اهڙيون رهتون ادا ڪيون وينديون جيڪي اهڙو حڪم جوريندڙ اٿارٽي طئي ڪري.

**موڪل**
**Leave**

19. هڪ سرڪاري ملازم کي موڪل ان جي موڪل جي قاعدن موجب ڏني ويندي، بشرطيڪ ان جي موڪل ملازمت جي گهرجن ۽ مجاز اختياري جي اجازت سان ڏني ويندي.

**پينشن ۽ گريچوئٽي**
**Pension and gratuity**

20. (1) ملازمت کان رٽائرمينٽ تي هڪ سرڪاري ملازم اهڙي پينشن يا گريچوئٽي حاصل ڪندو، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(2) سرڪاري ملازم جي رٽائرمينٽ کان اڳ يا پوءِ وفات جي صورت ۾، ان جي ڪٽنب کي اهڙي پينشن يا گريچوئٽي يا ٻئي ڏنا ويندا، جئين بيان ڪيو ويو هجي.

(3) اهڙي سرڪاري ملازم کي ڪا پينشن نہ ڏني ويندي جيڪو انتظامي قدم سبب ملازمت تان هٽايو يا برطرف ڪيو وڃي، پر حڪومت اهڙي سرڪاري ملازم کي ڪمپيشنيٽ الائونس جاري ڪري سگهي ٿي، جيڪو ان جي اهڙيءَ ريت ملازمت تان هٽائڻ يا برطرف ڪرڻ واري ڏينهن تائين ٺهندڙ پينشن يا گريچوئيٽن جي ٻہ ڀاڱي ٽي کان وڌيڪ نہ هوندو.

(4) جيڪڏهن سرڪاري ملازمت کي ملندڙ پينشن يا گريچوئٽي جي رقم طئي ٿيڻ ۾ ان جي رٽائرمينٽ يا موت واري تاريخ کان هڪ مهيني کان وڌيڪ دير ٿئي ٿي تہ، ان کي يا سندس ڪٽنب کي  سرڪاري ملازم جي ملازمت جي ڊيگهہ جي حساب سان بيان ڪيل اختياري طرفان اضافي پينشن يا گريچوئٽي ڏني ويندي، ۽ اهڙي اضافي پرووزنل ادائگي تي اهڙي ادائگي سرڪاري ملازم يا ان جي ڪٽنب کي حتمي طور ٿيل ٿيل پينشن يا گريچوئٽي ۾ شامل ڪئي ويندي.

پرووڊنٽ فنڊ
Provident Fund

21. (1) هر مالي سال جو ٽيون مهينو ختم ٿيڻ کان اڳ، اڪائونٽس آفيسر يا ٻيو ڪو آفيسر جيڪو پرووڊنٽ فنڊ سنڀالڻ لاءِ هجي هر سرڪاري ملازم کي پنهنجي هٿ هيٺ اڪائونٽ جو تفصيل فراهم ڪندو، جنهن ۾ شامل هوندو وياج، جيڪڏهن ڪو هجي، ۽ نيڪال يا پرووڊنٽ فنڊ مان گذريل مالي سال دوران ورتل ايڊوانسز.

(2) جيڪڏهن سرڪاري ملازم طرفان پرووڊنٽ فنڊ ۾

ڪيل ڪا سبسڪرپشن اڪائونٽس آفيسر يا اهڙو اڪائونٽ سنڀالڻ لاءِ ٻئي ڪنهن آفيسر طرفان ڊيڪاريا ناهن ويا يا اڪائونٽ ۾ جمع ناهن ڪيا ويا تہ اهڙي سبسڪرپشن سرڪاري ملازم طرفان اهڙي شاهدي جي بنياد تي اڪائونٽ ۾ جمع ڪئي ويندي، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

| | |
|---|---|
| بينيوولينٽ فنڊ ۽ گروپ انشورنس Benevolent fund and Group insurance | 22. سمورا سرڪاري ملازمن ۽ انهن جي ڪٽنبن کي اولهہ پاڪستان گورنمينٽ بينيوولينٽ فنڊ آرڊيننس، 1960 (1960 جو اولهہ پاڪستان آرڊيننس XIV) ۽ اولهہ پاڪستان گورنمينٽ ايمپلائيز ويلفيئر فنڊ آرڊيننس، 1969 (1969 جو اولهہ پاڪستان آرڊيننس I ) ۽ ان سلسلي ۾ جوڙيل قاعدن موجب فاعدا ڏنا ويندا. |
| اپيل يا ريپريزنٽيشن جو حق Right of appeal or representation | 23. (1) جتي ڪنهن سرڪاري ملازم جي ملازمت جي شرطن ۽ ضابطن سان لاڳاپيل ڪن قاعدن تحت جاري ڪيل ڪنهن حڪم هن حوالي ڪيو وڃي ٿو حڪم جي سلسلي ۾ جيڪهڙهن اهڙي اپيل يا درخواست ڪانسواءِ جيئن ٻي طرح بيان ڪيو ويو هجي، اهڙو حڪم جاري ٿيڻ واري تاريخ جي ٽيهن ڏينهن اندر نظرثاني لاءِ اپيل ڪئي ويندي.<br>(2) جتي ڪنهن حڪم يا حڪمن جي درجي جي سلسلي ۾ قاعدن تحت نظرثاني جي اپيل لاءِ ڪا گنجائش نہ هجي، اهڙي حڪم سبب متاثر ٿيندڙ سرڪاري ملازم اهڙو حڪم ملڻ جي ٽيهن ڏينهن اندر ان خلاف اهڙو حڪم جاري ڪندڙ اختياري کان مٿي اختياري کي عرضداشت ڪري سگهي ٿو.<br>بشرطيڪ مخصوص عهدو رکڻ يا اعليٰ عهدي يا گريڊ |

تي ترقيءَ لاءِ ماڻهو جي فٽنيس طئي ڪرڻ سان لاڳاپيل معاملن لاءِ ڪا عرضداشت نہ تي سگهندي.

باب_III
متفرقات
Chapter_III
Miscellaneous

## باب _III
## متفرقات
## Chapter_III
## Miscellaneous

محفوظ ڪرڻ
Saving

24. هن ايڪٽ يا ڪنهن بہ قاعدي ۾ ڪا اهڙي ڳالهہ شامل نہ هوندي يا ڪنهن بہ قاعدي ۾ ڪا اهڙي ڳالهہ شامل نہ هوندي جيڪا ڪهن سرڪاري ملازم جي ڪيس کي منهن ڏيڻ ۾ مناسب ڄاتي وڃي ۽ ان سان سرڪار جي اختيار ۾ ڪا گهٽتائي آندي وڃي.

بشرطيڪ سرڪاري ملازم جي ڪيس تي هي ايڪٽ يا ڪو قاعدن لاڳو ٿيڻ جي صورت ۾، هن ايڪٽ يا اهڙي قاعدي ۾ بيان ڪيل فائدي کان گهٽ صورت ۾ ڪيس کي منهن نہ ڏنو ويندو.

رنڊڪون هٽائڻ
Removal of difficulties

25. جيڪڏهن هن ايڪٽ جي ڪا گنجائش موثر بڻائڻ ۾ ڪا رنڊڪ پيش اچي ٿي، حڪومت رنڊڪ هٽائڻ لاءِ اهڙو حڪم جاري ڪري سگهي ٿي، جيڪو هن ايڪٽ جي گنجائشن سان ٽڪراءَ ۾ نہ هجي، جيئن اها ضروري سمجهي:

بشرطيڪ هن ايڪٽ جي لاڳو ٿيڻ جو هڪ سال پورو ٿيڻ کانپوءِ اهڙو ڪو اختيار استعمال نہ ڪيو ويندو.

باب _IV
قاعدا
Chapter_IV
Rules

## باب _IV
## قاعدا
## Chapter_IV
## Rules

| | |
|---|---|
| 26.(1) حڪومت يا ان سلسلي ۾ ان طرفان بااختيار بڻايل ڪو شخص، اهڙا قاعدا جوڙي سگهي ٿو جيڪي اهو هن ايڪٽ جا مقصد جاري رکڻ لاءِ ضروري سمجهي.<br>(2) هن ايڪٽ جي لاڳو ٿيڻ کان اڳ مجاز اختياري طرفان سرڪاري ملازم جي ملازمت جي شرطن ۽ ضابطن سان لاڳاپيل جوڙيل ڪي قاعدا، حڪم يا هدايتون جيڪڏهن اهڙا قاعدا، حڪم ۽ هدايتون هن ايڪٽ جي گنجائشن سان ٽڪراءَ ۾ نه آهن ته اهي هن ايڪٽ تحت جوڙيل قاعدا سمجهيا ويندا. | قاعدا<br>Rules |
| **باب ـ V**<br>**منسوخي**<br>**Chapter_V**<br>**Repeal** | باب ـ V<br>منسوخي<br>Chapter_V<br>Repeal |
| 27.سنڌ سرڪاري ملازم آرڊيننس، 1973 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو. | 1973 جي سنڌ آرڊيننس X جي منسوخي<br>Repeal of Sindh Ordinance X of 1973 |

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**